

# ماش يا مانهن

Black gram

## زمين جي تياري

ماش جو فصل نهري ۽ باراني علائقن ۾ ڪاميابي سان پوڪي سگهجي ٿو. زمين ۾ ٻه يا ٽي سڪي جا هر ڏيئي پتر پيجي ريج ڪجي. جڏهن زمين هر ڏيڻ لائق يا وٽ ۾ اچي ته هڪ ٻه هر ڏئي سانهر گهمائي زمين کي پوکي لاءِ هموار ڪجي.

ماش جي پوک لاءِ زمين جو هموار هجڻ تمام ضروري آهي. جيئن پاڻي زمين ۾ هڪ جهڙو بيهي سگهي. نهري علائقن ۾ ٻه زمين کي اونها هر ڏئي تيار ڪجي. جڏهن ته اهو خيال رکڻ گهرجي ته زمين ۾ مناسب ريج هجي پر زمين خشڪ نه ٿئي. باراني علائقن ۾ برسات کان اڳ هڪ پيرو مٽي اٿلائڻ وارو هر ۽ برسات کانپوءِ زمين وٽ ۾ اچڻ تي ٻه دفعا ديسي هر ڏئي ان کي چڱي طرح تيار ڪجي بعد ۾ سانهر ڏجي ته جيئين زمين مڪمل هموار ۽ نرم ٿي وڃي. ان سان گڏ زمين ۾ مناسب سيڪ يا ريج هجي ٻي صورت ۾ ٻج جو ڦوٽهڙو گهٽ ٿيندو ۽ پيداوار گهٽ ملندي.

## پوکي جو طريقو

ماش جي پوک پهرين جون کان جولاءِ جي آخر تائين موزون آهي. ماش جو پوک ناڙي يا قطارن ۾ ڪجي. ۽ قطارن جي وچ ۾ مفاصلو 30 سينٽي ميٽر هئڻ گهرجي. ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ مفاصلو 10 سينٽي ميٽر هئڻ گهرجي.

## جنسون

ماش جي پوک لاءِ سفارش ڪيل جنسن ۾ ڪاري مانهن ۽ سائي مانهن واريون جنسون پوکيون وڃن ٿيون. جڏهن ته بين جنسن ۾ ماش _80، ماش 30_31 وغيره پوکيون وڃن ٿيون. جڏهن ته ماش جي نين جنسن ۾ اين اي آر سي 1 ۽ اين اي آر سي 2 جنسون پوکي هيٺ آهن.

## ٻج جو مقدار

ماش يا مانهن لاءِ ٻج عام طور 6 کان 8 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪجي. هن فصل جي وڌيڪ پيداوار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک پنجويهه هزار ٻوٽا في ايڪڙ هئڻ گهرجن. ان مقصد لاءِ سفارش ڪيل جنسن جو صاف، خالص ۽ تندرست ٻج استعمال ڪجي. جڏهن ته ٻوٽن جي ڀرپور تعداد لاءِ 8 کان 10 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ استعمال ڪجي.

## پاڻي ڏيڻ

ماش جي فصل لاءِ ٽي کان چار پاڻي ڪافي آهن. پهريون پاڻي پوکي کان ٽن هفتن بعد ۽ ٻيو پاڻي گل ڀاڻي وقت ۽ ٽيون پاڻي ڦرين نهڻ وقت ڏيڻ گهرجي. هي فصل بنيادي طور باراني علائقن ۾ پوکيو وڃي ٿو. پر جيڪڏهن آبپاشيء جو پاڻي موجود آهي ته ٽي پاڻي ڏيڻ گهرجن.

## ڀاڻ ڏيڻ

ماش جي فصل کي نائٽروجن ڀاڻ جي ضرورت گهٽ پوي ٿي. جڏهن ته فاسفورس واري ڀاڻ جي استعمال سان پيداوار ۾ اضافو اچي ٿو ۽ فصل جلد پچي وڃي ٿو. ان ڪري ماش جي فصل لاءِ 10 ڪلو گرام نائٽروجن ۽ 25 ڪلو گرام فاسفورس في ايڪڙ استعمال ڪجي يا ماش لاءِ هڪ ٻوري ڊي-اي-پي پوکيء وقت ۽ آخري هر سان ملائي پوکي ڪجي.

## گند گاه ڪڍڻ

ماش جي فصل ۾ گند گاه تمام گهڻو نقصان رسائين ٿا جنهن ڪري انهن کي ختم ڪرڻ لازمي آهي. فصل مان گند گاه ٻاڙئون ڪڍڻ گهرجن. جيڪڏهن گند گاه وقت سر نه ڪڍيو ويو ته فصل جي خوراڪ ڪٽندو ۽ فصل پيداوار گهٽ ڏيندو.

## لابارو ۽ ڳاهه

جڏهن فصل ۾ 80 کان 90 سيڪڙو ڦريون پڪل نظر اچن ۽ ڦرين جو رنگ سائي مان ڪارو يا ڀورو ڏسڻ ۾ اچي ته هڪدم لابارو ڪرڻ گهرجي. جو ته پڪل فصل جو لابارو جلد نه ڪبو ته فصل ڇٽڻ شروع ڪندو ۽ پيداوار گهٽ لهندي.

لاباري بعد فصل کي اس ۾ سڪائي ڳاهه ڳاهڻ گهرجي. ۽ ان يا ٻج جي صفائي بعد وڪرو ڪجي يا ذخيرو ڪيو وڃي.


آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز

ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ

ICT Agricultural Extension Services Center, Directorate General Agriculture Extension, Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh, Block-F, Shahbaz Building Hyderabad.

Helpline: +92 3111646111 Email: ictagriextensionsindh@gmail.com

www.ictagrisindh.gov.pk